ستسنگ

مهاراج چرن سنگھ جي

٨

شبد

نام ملي من ترپتيئي

(گورو رامداس جي)

راڌا سوامي ستسنگ بياس (پنجاب)

ستسنگ

مهاراج چرنسنگھ جي

٨

شبد

نام ملي من ترپتيئي

راڌا سوامي ستسنگ بياس (پنجاب)

ڀومڪا

حضور مهاراج بابا ساون سنگهہ جن جا ستسنگ هن کان اڳ "سنت مت" ۽ "سنتن جي سکيا" پستڪن ۾ سنگرهہ ڪري سنڌيءَ ۾ ڇپايا ويا آهن.

سنگت جي اها چاهنا هئي تہ موجوده ستگورن، مهاراج چرنسنگهہ جن جا ستسنگ بہ ڇپايا وڃن. حضور جن جي آگيا انوسار سندن ستسنگ ننڍن ننڍن ڪتابن جي روپ ۾ پنجابي، هندي ۽ اردوءَ ۾ ڇپايا ويا آهن.

هن کان اڳ سنڌيءَ ۾ ست ستسنگ ڇپايا ويا آهن جن مان پهرئين، ٽئين، چوٿين ۽ ستين ۾ سوامي جي مهاراج جن جي شبدن جي وياکيا ڪيل آهي، ستسنگ نمبر ٻئين ۾ گورو امرداس صاحبن جي شبد جي، پنجين نمبر ۾ تلسي صاحب جن جي شبد جي ۽ ڇهين نمبر ۾ پلٽو صاحب جي ٻن ڪنڊلين جي وياکيا ڪيل آهي.

هن انڪ ۾ گورو رامداس صاحب جن جي باڻيءَ مان "نام مليو من ترپتيئي" شبد جي وياکيا جا هنن پنهنجي پوتر مکاروند مان فرمائي آهي، پيش ڪجي ٿي. هن ۾ ستگورن نهايت سرل ۽ سهڻي نموني سنت مت کي کولي سمجهايو آهي.

آشا آهي تہ جگياسن کي ان مان سنت مت جي اصولن جي سوجهہ پوندي ۽ سرت شبد جي ڪمائيءَ جو شوق پيدا ٿيندو.

اميد تہ جلدي اهڙا ٻيا ستسنگ بہ سنگت جي سيوا ۾ پيش ڪيا ويندا.

شري مکهارام ديال اجمير نواسيءَ هي ترجمو ڪري ڇپائڻ جو پربنڌ ڪيو جنهن لاءِ اسين سندس شڪر گذار آهيون.

ڪي. ايل. کنا
سيڪريٽري

Published by K. L. Khanna
Secretary Radha Soami Satsang
BEAS (Punjab)

دفعہ آٹھویں]   مئی ۱۹۷۵   [جلد ۵۰۰۰

Printed by Sunder Printing Press
Kaiser Ganj, Ajmer.

سگهون! جيڪڏهن اسين نرپکش رهي، کليءَ دل سان ڪنهن ٻه مهاتما جي ٻاڻيءَ جي کوج ٿا ڪريون ته ائين ئي ٿو سمجهه ۾ اچي ته سڀ مهاتمائون هڪ ئي وستوءَ جو اپديش ٿا ڪن ۽ انهيءَ کي حاصل ڪرڻ جو شوق ۽ پيار اسانجي اندر پيدا ٿا ڪن.

هي جيڪي ٻه اسانجا ڌرم آهن، انهن سڀني جا پنهنجا پنهنجا نيم رتيون ۽ رواج آهن، پر جيڪا روحانيت آهي، اصليت آهي، حقيقت آهي، روحانيت جو بنياد آهي، اهو هر هڪ ڌرم جي تهه ۾ ساڳيو ئي آهي. ان هڪ روحانيت کي مختلف مهاتمائن، مختلف مذهبن، ملڪن ۽ وقتن لي اچي مختلف نمونن ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. رشين منين ان روحانيت کي 'آڪاش واڻي' چيو آهي. 'رام نام' 'رام ڌُن'، 'نرمل ناد' يا 'دوءِ ڌن' سڏي سمجهايو آهي. گورو نانڪ صاحب جن عام طور انکي شبد يا نام چئي ياد ڪيو آهي. انکي 'گوروءَ جي ٻاڻي'، 'ڌر جي ٻاڻي'، 'سچي ٻاڻي' به چون ٿا، انکي ئي 'حڪم'، 'اڪٿ ڪٿا'، 'هري ڪيرتن' به چئون ٿا. مسلمان فقيرن ان روحانيت کي ئي 'ڪلمو'، 'آسماني ٻانگ'، 'الاهي ڪلمو'، 'ندائي سلطاني' چئي ياد ڪيو آهي. حضرت عيسيٰ ان ئي روحانيت کي ورڊ Word يا لوگاس Logos ڪري ورنن ڪيو آهي. چين جي مهاتمائن ان کي 'تائو' ڪري سڏيو آهي. اسانجو لفظن سان ڪوبه واد وواد ڪونهي. اسانکي ته ان روحانيت جي، اُن شبد يا نام جي کوج ڪرڻي آهي.

هتي گورو رامداس جن اسانکي سمجهائين ٿا ته اسين سڀ دنيا جا جيو، هن سنسار ۾ سک حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا، شانتي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. ڪو پٽن ڌيئن جي پيار ۾ سک ڀولي ٿو ته ڪو قومن، مذهبن

ستسنگ جا وچن

نام ملي مَن ترپتيا، بن نامي ڌرگ جيواس
ڪوئي گرمک سڄڻ جي ملي، مئ دسي پرڀ گڻ تاس

هي ٻه چوٿين پاتشاهي سري گورو رامداس جي مهاراج جن جي باڻي آهي. هن شبد ۾ پاڻ نهايت چڱي طرح نام جي مهما ڪن ٿا. ائين ته اسين ڪنهن به مهاتما جي باڻي کڻي کوج ڪريون ته ڏسنداسين ته هر هڪ مهاتما شبد جي مهما ٿو ڪري، نام جي مهما ٿو ڪري. ڪو به مهاتما هجي ڪا قوم يا مذهب ٺاهڻ لاءِ ڪونه ٿو اچي ۽ نه مهاتما اسانجي هٿن ۾ ڏنڊا يا تلوارون ڏيڻ اچن ٿا. هو ته صرف اسانجي اندر شبد ۽ نام جي ڪمائيءَ جو شوق ۽ پيار پيدا ڪري، اسانکي ڏک جي بندڻن کان آزاد ڪري، پرماتما سان ملائڻ لاءِ اچن ٿا. پر عام طور اسين دنيا جا جيو اهڙن مالڪ جي ڀڳتن ۽ پيارن جي وڃڻ بعد، ٻاهرمکي ٿي ٿا پئون، ڪرم ڪانڊ ۾ ڦاسي ٿا وڃون. اسين هنجي سکيا کي ننڍن ننڍن دائرن ۾ بند ڪري قومن، مذهبن، ملڪن جي شڪل ڏيڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا ۽ پاڻ ۾ لڙڻ وڙهڻ شروع ٿا ڪري ڇڏيون. اسين ائين ڇو ٿا ڪريون؟ ڪڏهن پنهنجي پيٽ جي خاطر ڪريون ٿا ۽ ڪڏهن پنهنجي عزت ۽ مان وڏائيءَ لاءِ ڪريون ٿا. جن مهاتمائن جو اُپديش ساري سنسار لاءِ هوندو آهي، جڏهن اسين هنجي اپديش کي ننڍن ننڍن دائرن ۾ بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا، ته توهين پاڻ ئي سوچيو ته اسين اُنهن مالڪ جي ڀڳتن ۽ پيارن سان، ان کان وڌيڪ ڪهڙي بي انصافي ڪري ٿا

۾ اچن ٿا. اسان جا ڪيترائي ديش آهن. هر ڪنهن ديش جون انيڪ پنهنجون پنهنجون ٻوليون آهن ۽ هر هڪ ٻوليءَ جي انيڪ لفظن دوارا اسين رات ڏينهن ان پرماتما کي ياد ڪري رهيا آهيون. ڪو هنکي رب، ڪو الله، ڪو ڪريم، ڪو رحيم، ڪو پرماتما ته ڪو پرميشور ٿو چوي. جن به لفظن سان اسين ان پرماتما کي ياد ٿا ڪريون، اهي سڀ لکڻ پڙهڻ ۽ ٻولڻ ۾ اچن ٿا. توهين ڏسو، هزارين انيڪ مهاتما دنيا ۾ آيا آهن ۽ آئينده به انيڪ مهاتمائن کي دنيا ۾ اچڻو آهي. هزارن انيڪ لفظن سان مهاتمائن ان پرماتما کي ياد ڪيو آهي ۽ ٻين انيڪ نالن دوارا آئينده به ان پرماتما کي ياد ڪندا. اڳيان لفظ يا نالا اسين پلجندا پيا وڃون ۽ اڳتي لاءِ پيار ۾ اچي اسين ان پرماتما جا ٻيا نوان نالا پيا رکون. اهي سڀ لفظ يا نالا جيڪي لکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ اچن ٿا، ورڻاتمڪ نالا آهن يا ورڻاتمڪ شبد آهن. اسين هر هڪ لفظ جي الهاس جو پتو لڳائي سگهون ٿا، انهن جي شروع ٿيڻ جو وقت نشچت ڪري سگهون ٿا. سوامي جي مهاراج جن کي آئي سؤ سال ٿيا آهن. انهن جي وڃڻ کان پوءِ اسان مالڪ کي 'راڌا سوامي' چوڻ شروع ڪيو آهي. پر اسين ڪڏهن اهو سوچڻ جي ڪوشش نٿا ڪريون ته دنيا جا جيو سوامي جن جي اچڻ کان اڳ به، ڪنهن نه ڪنهن نالي سان اُن مالڪ کي، ان پرماتما کي ياد ڪندا ٿي هئا. دنيا کي ٺهئي ته ڪيترائي جڳ گذري ويا آهن. مالڪ به هتي ئي آهي ۽ اسين به هميشه مالڪ کي ياد ڪندا آيا آهيون. اهڙي طرح گرو نانڪ صاحب جن کي آئي پنج سؤ سال ٿيا آهن. هنن کان پهرين به اسين اُن مالڪ کي ڪنهن نه ڪنهن نالي سان ياد ڪندا ٿي هئاسين. محمد صاحب کي آئي چوڏهن سؤ سال ٿيا آهن. رامچندر مهاراج کي آئي ان کان به وڌيڪ وقت ٿيو آهي پر دنيا کي ٺهئي ته

ملڪن جي مان وڏائيءَ ۾ سک ڳولي ٿو، ڪو وري شراب ڪباب ۾ ته ڪو دنيا جي ذلتن ۾ سک جي تلاش ڪري ٿو. انهن چيزن ۾ ته نه اڄ تائين ڪنهن کي سک مليو آهي، نڪي ڪڏهن ملي سگهي ٿو ڇاڪاڻ ته جن چيزن ۾ اسين سک ڳولڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا اهي سڀ ناسونت ۽ عارضي آهن تنهنڪري انهن جو سک به ناسونت ۽ عارضي ٿي ٿي سگهي ٿو. اهي جيڪي به سک اسانکي ڏسڻ ۾ اچن ٿا، اهي به ڪجھ وقت ڪانپوءِ دکن ۾ تبديل ٿيڻ شروع ٿا ٿين. انڪري مهاتمائون سمجهائين ٿا ته جيستائين اسانکي اها وستو نه ملندي جا ڪڏهن به ناس نه ٿئي، ڪڏهن به فنا نه ٿئي، اسين انکي پنهنجو نه بڻائيندا سين تيستائين اسين ڪيئن سک حاصل ڪري سگهندا سين، شانتي ڪهڙي حاصل ڪري سگهندا سين؟ اها ڪهڙي چيز آهي؟ گورو صاحب فرمائين ٿا ”نام مليءَ من ترپتيئي“ يعني جڏهن اهو امرت روپ نام اسانجي من کي ملي ٿو ته اسانجي من ۾ ترپتي اچي وڃي ٿي، شانتي اچي وڃي ٿي. گورو صاحب جن وڌيڪ فرمائين ٿا ”بن ناميءَ دک جيواس“ يعني دکه ۾ وهي جيڪڏهن اسان اهو نام حاصل نه ڪيو، پنهنجي اندر ان امرت کي پراپت نه ڪيو ته پوءِ اسانجي هن دکه ۾ اچڻ کي ٿي ذڪار آهي. هن منش ديه جي اچڻ جو جيڪو آدش ۽ مقصد آهي اهو نام جو سواد وٺڻ بنا ڪڏهن به پورو نه ٿي سگهندو. انڪري گورو صاحب ان شبد ۽ نام جي مهما ٿا ڪن.

مهاتما لفظن کي شبد يا نام ڪين ٿا چون. اسان پنهنجي ٻهنجي پيار ۾ اچي، پرماتما جا جيڪي ناالا رکيا آهن، انهن لفظن کي مهاتما شبد يا نام نٿا چون. اهي ورڻاتمڪ نام آهن، ورڻاتمڪ شبد آهن. اهي اسانجي لکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ

جنهن مرڻ جو مطلب اهوئي آهي ته اسين پنهنجي خيال کي لون دوارن مان ڪڍي، اکين جي پوٺان ڪٺو ڪري ٽئين الهيءَ کي حاصل ڪري سگهون ٿا. سڀ مهاتما اُن شبد يا نام جي مهما ڪن ٿا. هي جيڪي به اسانجا لفظ آهن، اهي اسانجا ذريعا يا ساڌن آهن، اهو شبد يا نام اسانجو اُديش ۽ مقصد آهي. اسانکي لفظن سان پيار ڪري ڪڏهن به قومن، مذهبن، ۽ ملڪن جا جهڳڙا ڪڙا ڪين ڪرڻ گهرجن. اسانکي ته انهن لفظن ذريعي اُن سچي شبد جي، اُن سچي نام جي کوج ڪرڻي آهي. اُن شبد دنيا جي رچنا ڪئي آهي، انهي آڌار تي اسانجا کنڊ برهمنڊ بيٺا آهن. گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا:-

"سبدي ڌرتي سبدي آڪاس،
سبدي سبد ڀيا پرگاس.
سگلي سرسٽ سبد ڪي پاڇي،
نانڪ سبد گهٽي گهٽ آڇي."

يعني اُن شبد ڌرتي پيدا ڪئي آهي، سورج چندرما پيدا ڪيا آهن. اُن شبد ساري سرشٽيءَ جي رچنا ڪئي آهي. اهو شبد سيني جي اندر ڏينهن رات ڌنڪارون پيو ڏئي. جيستائين اسين اُن شبد سان خيال نٿا جوڙيون، تيستائين اسانجو جنم مرڻ جي ڏکن مان ڪڏهن به، ڪنهن به حالت ۾ ڇوٽڪارو نه ٿي سگهندو. اهوئي اسانکي ويدن شاسترن ۾ رشي مني سمجهائيندا آيا آهن ته پرماتما آڪاش واڻيءَ ذريعي سرشٽيءَ جي رچنا ڪئي آهي. مسلمان فقير سمجهائين ٿا ته خدا ڪلمي ذريعي دنيا جي رچنا ڪئي آهي. عيسيٰ مسيح بائيبل ۾ فرمائين ٿا ته پرماتما Word 'ورڊ' ڏواران دنيا جي رچنا ڪئي آهي. ڪنهن انکي 'ورڊ' چيو، ڪنهن 'ڪلمو' چيو، ڪنهن 'ڪُن' چيو ڪنهن وري انکي شبد ۽ نام سڏيو، ته

ڪيئن جڳهه گذري ويا آهن. اهو پرماتما به هتي ئي هو ۽ اسين دنيا جا جيو به هتي ئي هئاسين ۽ ڪنهن نه ڪنهن لفظ دوارا ان پرماتما کي ياد ڪندا ئي آيا آهيون. اهي پرماتما جا جيترا به نالا آهن جي لکڻ پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ اچن ٿا، مهاتما الهڪي ورڻاتمڪ نام ٿا سڏين. اسين انهن جي اتهاس ۽ معياد جو پتو لڳائي ٿا سگهون پر هڪ مهاتما ان سچي شبد جي مهما ڪري ٿو، ان سچي نام جي مهما ڪري ٿو، جو نڪي ڪڏهن اکين دوارا ڏسي ٿو سگهجي نه ڪڏهن زبان دوارا ڳالهائي سگهجي ٿو، نه ڪنن دوارا ٻڌي ٿو سگهجي. حضرت عيسيٰ فرمائين ٿا، ”اکين هئڻ جي باوجود، لوڪ انکي ڏسي نٿا سگهن، ڪن هوندي به لوڪ انکي ٻڌي نه سگهندئن.“ حضور مهاراج جن (بابا ساون سنگهه جي مهاراج) انکي ”اَلکت قانون“ ۽ ”بنا ٻوليءَ واري ڀاشا“ چئي ورڻن ڪندا هئا. اهو سچو نام يا شبد هڪ قدرتي قانون آهي جو ڪڏهن به لکڻ پڙهڻ يا ڳالهائڻ ۾ نٿو اچي. گورو نانڪ صاحب جن سمجهائين ٿا:-

”اکي باجهه وکڻا، وڻ ڪنان سڻنان،
پئر باجهه چلڻا، وڻ هٿان ڪرڻا،
جيڀي باجهه بولڻا، ائين جيوت مرڻا،
نانڪ حڪم پڇاڻي ڪي تئه خصمي ملڻا.“

هاڻي توهين اُن شبد يا نام کي پڪڙي پنهنجي پتيءَ سا پرماتما سان ملي سگهو ٿا جنهن کي نه ڪنهن جون اکيون ڏسن، نه ڪنهن جا ڪن ٿا ٻڌي سگهن ۽ زبان جنهن جو ورڻن نٿي ڪري سگهي، نه جنهن وٽ هٿن پيرن سان پهچي سگهجي ٿو ۽ جنهن چيز کي اسين جيئري ئي مري حاصل ڪري سگهون ٿا.

ٻڌي جيڪي گورمک لوڪ آهن، مالڪ جا ڀڳت ۽ پيارا آهن، اهي هميشه شرڌا ۽ ديهه جي اندر وڃي ان پرماتما جي کوج ڪن ٿا. ٻيا سڀ دنيا جا جيو ڀرمن ۾ ڦاسي هتي ئي ڀلجي ڀٽڪي رهيا آهن.

اسانجو روحاني سفر پيرن جي ترين کان وٺي سر جي چوٽيءَ تائين آهي. ان چوٽيءَ جون ڇهه منزلون آهن؛ هڪ اکين تائين ۽ ٻيون اکين کان مٿي. اسانجي شرير ۾ جيڪو آتما ۽ من جو مرڪز يا بيٺڪ آهي، اها اکين جي پٺيان آهي. جنهنکي ڪو "تيسرا تل"، ڪو "شو نيتر"، ڪو "دويه چڪشو"، ڪو "گهر در"، ڪو "مڪتيءَ جو دروازو" سڏي ياد ٿو ڪري. گورو صاحب فرمائين ٿا، "من ڪن ڪن ڀرم ڀرم ڀهه ڏاوءِ تل گهر نهين واسا پائيڱي."

اسانجو من اکين جي پوئان تيسري تل مان لهي، مدت مدت ۾، سيڪنڊ سيڪنڊ ۾ ٻاهر انهن ڀرمن جي طرف ڀڄڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اهو ڪن ماٺ ۾ اکين جي پوئان نٿو ٽڪي. جيستائين هو اکين جي پوئان نه ٽڪندو، تيستائين هو پنهنجي ٽڪاڻي پوهر ڦرڪتيءَ ۾، ڪيئن پهچي سگهندو؟ اهو من کهڙن ڀرمن جي پوئان ڀڄي ٿو؟ هي جيڪي ڪجهه اسين اکين سان ڏسي رهيا آهيون، انکي مهاتمائن ڀرم چئي ورنن ڪيو آهي ڇاڪاڻ جو اهو سڀ ناس ۽ فنا ٿي ويندو آهي. اسين انکي اصل سمجهي ڏينهن رات پنهنجو ٻنائڻ ۾ لڳا پيا آهيون. مهاتما سمجهائين ٿا ته هي دنيا جا پدارٿ ۽ شڪليون نه ڪڏهن ڪنهن جا ٿيا آهن ۽ نڪي ڪڏهن ڪنهن جا ٿي سگهن ٿا. اسين پنهنجي خيال کي، اکين کان هيٺ لاهي ٻاهر ڀرمن ۾ ڦهلائي ويٺا آهيون. جيستائين اسانجو خيال واپس اکين جي پوئان نٿو پهچي، تيستائين اسانجو من ڪڏهن به واپس پنهنجي

ڪنهن انکي آڪاش واڻي سڏيو. اسانکي لفظن جي بحث مباحثي ۾ ڪين الجهڻو آهي. اسانکي ته ان چيز جي کوج ڪرڻي آهي جنهن جي آڌار اسانجا کنڊ برهمنڊ کڙا آهن، جا چيز ڏينهن رات اسانجي اندر ڌنڪارون ڏئي رهي آهي ۽ جنهنکي حاصل ڪري ٿي اسين جنم مرڻ جي دکن مان ڇوٽڪارو پائي سگهون ٿا. گورو صاحب فرمائين ٿا:-

”سرهره پالڻ کو باهر جائي،
نام نه لهي بهت وڳار دک پائي.“

جيڪي ماڻهو ديهه ۽ شرير کان ٻاهر ان نام روپي وستوءَ کي ڳولڻ ۾ لڳا پيا آهن، اُهي ته بيگارين وانگر پنهنجو قيمتي وقت ضايع ڪري رهيا آهن. بيگاري ڪير هوندو آهي؟ جو سارو ڏينهن محنت ڪندو آهي، هڏ هڻي هجي ٿو پوي، کون پسينو به هڪ ٿو ڪري ڇڏي پر جنهن غريب جي هڙ پلئه ڪجهه به ڪونه ٿو پوي. جيڪڏهن ڪا شيءِ اسانجي گهر ۾ آهي ته گهر ۾ ان شيءِ جي ڳولا ڪنداسين تڏهن اها شيءِ حاصل ڪري سگهنداسين. پر جيڪڏهن اسين ٻاهر مڙڪن لي ٻيا بزارن ۽ گهٽين ۾ وڃي اها ڳوليندا سين ته اسين اها شيءِ ڪهڙي طرح هٿ ڪري سگهنداسين؟ گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا:-
”گهر رتن لال بهه ماڻڪ لادي، من پرميتا لهه نه سڪائيمي.“

يعني اسانجي گهر ارٿات شرير جي اندر مالڪ بيشمار وستو رکيون آهن پر اسين ٻاهر ڀٽڪي ٿي ويا آهيون. اسانجو من انهن ڀرمن ۽ ڪرم ڪانڊ مان ته نڪري ٿي نٿو. جيستائين شرير اندر وڃي کوج نه ڪنداسين تيستائين انهن وستن کي اسين ڪڏهن حاصل ڪري سگهنداسين! جيڪي به ملندو پنهنجي شرير اندر ئي ملندو، ديهه جي اندر ئي ملندو. گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا:-
”گورمکه هووي سو ڪايا کوجي هور سب ڀرم ڀلاهي“

"جهان آسا تهان باسا" جيڏانهن ۾ اسانجو آخرين وقت خيال
هوندو آهي، اسين دنيا جا جيو انهيءَ ئي ڌارا ۾ وهڻ شروع
ڪري ڇڏيندا آهيون. اهو ٻارن ٻچن جو پيار آهي، قومن،
مذهبن، ملڪن جي جهيڙن جو پيار آهي جو هر ڪنهن ڪسي
ٻار ٻار ديهه جي ٻنڌن طرف ڪشچي وٺي ٿو اچي. مهاتما سمجهائين
ٿا ته اسانکي ان طريقي يا نموني سان پنهنجي من ۽ خيال کي
دنيا جي موهه ۽ پيار مان ڪڍڻو آهي. سمرن ۽ ڌيان جي ته
اسانکي سياڻپ عادت پيل آهي. سو مهاتما سمجهائين ٿا ته
لوهين ان سمرن ۽ ڌيان جي عادت مان فائدو وٺو. هينئر
اسين ڪنهنجو ٿا سمرن ۽ ڌيان ڪريون؟ جن چيزن کي ناس
۽ فنا ٿي وڃڻو آهي. مهاتما چون ٿا ته ان چيز جو سمرن ڪريو
جا ناس نه ٿي سگهي، ڪڏهن فنا نه ٿي سگهي. جڏهن ساري
دنيا تي نگاهه وجهي ڏسون ٿا ته صرف هڪ پرماتما، پرميشور،
اڪال پرکھ، واهگرو ئي آهي جو امر ابناسي آهي. هن کانسواءِ
ٻيو سڀ ڪجهه ناسونت آهي. گورو صاحب فرمائين ٿا. "هر
بن سڀ ڪجهه ميلا سنتهه." يعني! ان مالڪ کانسواءِ ٻيو سڀ
ڪجهه ڪوڙ آهي، ناسونت آهي. اهڙي طرح آسادي وار ۾
گورو نانڪ صاحب لکن ٿا:-

"ڪوڙ ڪوڙي نيهه لڳا، وسر گيا ڪرتار،
ڪس نال ڪيجي دوستي، سڀ جڳ چلڻ هار."

اسانجو هي سرير به ڪوڙ (مٿيا ۽ ناسونت آهي) آهي. هن
شرير ۾ رهي اسين جنهن دنيا سان موهه ۽ پيار ڪري رهيا
آهيون، اها به ڪوڙ آهي. اهو ڪوڙ هن ڪوڙ جي
موهه ۽ پيار ۾ الجهيو پيو آهي ۽ "وسر گيا ڪرتار"
پرماتما کي ڀلائي ويٺو آهي. ٻاڻ فرمائين ٿا ته اُن پرماتما کانسواءِ
ڪابه چيز اسانجي دوستيءَ ۽ يڪتيءَ جي لائق ڪانهي، اسين

گهر وڃي نه سگهندو. توهين ڏسو ته جيڪڏهن توهين ڪا ڳالهه ٻڌي وڃو ۽ ياد ڪرڻ چاهيو ته توهانجو هٿ خود بخود اکين جي مٿان مستڪ تي پهچي ويندو آهي. ڪڏهن ڪنهن وسريل ڳالهه کي ياد ڪرڻ لاءِ اسين پيرن يا ٻانهن تي هٿ ڪين هڻندا آهيون. ڀرن جي وچ ۾، ان مرڪز سان اسانجي سوچ ويچار ڪرڻ جو گهرو سنبنڌ آهي. هر ڪنهن ماڻهوءَ جو خيال اکين جي ٻوٽان لهي شرير جي ٻون دروازن ذريعي ساري دنيا ۾ ڦهليو پيو آهي. هتي ويٺي ڪڏهن ٻارن جي ياد اچي ٿي، ڪڏهن گهر جو ڪو ڪم ڪار ياد ٿو اچي، ڪڏهن من دڪان جي گراهڪن جي ٻاري ۾ سوچيندو رهي ٿو. من ڪڏهن ته ايڪاگر يا اسٿر ٿيو ٿئي. اها جيڪا سارو ڏينهن اسان ۾ سوچڻ جي عادت پيل آهي، انکي مهاتمائن سمرن سڏيو آهي. توهين ڏسو، اسانکي سمرن ڪرڻ جي عادت سڀاويڪ طور پيل آهي. چاهي ڪيترين ئي اونداهين ڪوٺڙين ۾ تالو لڳائي پاڻکي بند ڪري وهو، توهانجو من اتي ڪونه هوندو، ساري دنيا ۾ ڦهليل هوندو.

جنهنجو اسين سمرن ڪندا آهيون، ان جي شڪل ته اسانجي اکين اڳيان اچي بيهندي آهي. انکي مهاتما ڌيان ڪرڻ ٿا چون. ٻارن ٻچن جو سمرن ڪريون ٿا ته انهن جون شڪليون به اکين آڏو ٿيون اچن. گهر جي ڪاروبار جو سمرن ڪريون ٿا ته گهر جو ڪاروبار اکين جي اڳيان اچي ڦرڻ شروع ٿو ڪري. جن جو اسين سمرن ۽ ڌيان ڪندا آهيون، انهن سان ڌيري ڌيري اسانجو موهه ۽ پيار ٿيڻ شروع ٿي وڃي ٿو. انهن شڪلين سان اسين اهڙو ته موهه ۽ پيار پيدا ڪري ٿا ڇڏيون جو رات جو سپنا به انهن جا ئي اچڻ لڳن ٿا ۽ موت جي وقت به سنيما جي هلندڙ چلندڙ چترن وانگر اسانجي اکين آڏو اچي ٿا بيهن ۽

جو صرف هڪ دروازو رکيو آهي. اهو ڪهڙو دروازو آهي؟ اهو انسان جو چولو آهي. چوراسي لک جوڻين جي پوري ٿيڻ بعد پرماتما اسانکي هي موقعو بخشيو آهي ته اسين ان جو فائدو وٺي مالڪ جي ڀڳتي ڪري هميشه لاءِ ديهه جي بندن مان ڇوٽڪارو حاصل ڪريون. گورو صاحب فرمائين ٿا:-

"ڪايا نگر نگر هيءَ نيڪو، وچ سودا هر وس ڪيجيءَ"

اسانجي ديهه هڪ تمام سندر شهر آهي، ڇاڪاڻ ته ان ۾ وٺهي، اسين هوي وس جو سؤدو خريد ڪري سگهون ٿا، مالڪ جي ڀڳتي ڪري سگهون ٿا. باقي سودا ته اسين هميشه خريد ڪندا آيا آهيون. جيڪڏهن ڪا انوکي وستو آهي جا اسين منش جي چولي ۾ وٺهي خريد ڪري سگهون ٿا، اها صرف پرماتما جي ڀڳتي آهي پرماتما جو پيار ۽ هنجو ميلاپ آهي. تنهنڪري مهاتما اسانکي بار بار اهوئي اُپديش ڏين ٿا ته هن انسان جي جامي ۾ اچي اسانکي اُن منزل مقصود کي پهنچي اکين اڳيان رکڻو آهي، ان ڏر ڏام جي کوج ڪرڻي آهي، پهنچي ان مقصد يا اُديش کي پراپت ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻي آهي. پتو ناهي ته وري انسان جو جامو ملي نه ملي، ڪنهن اهڙي جڳهه لي وڃي جنم ٿئي، جتي ڀلئي پنڪئي اسانجو خيال مالڪ جي ڀڳتيءَ طرف نه وڃي سگهي. ڪبير صاحب فرمائين ٿا:-

"ڪبير مانس جنم دلڀ هيءَ هوءِ نه بارنبار،
جئن بن ڦل پاڪي ڀنءِ گرهه، بهر نه لاڳهه ڏار."

ڪبير صاحب فرمائين ٿا ته اُهين نه سوچو ته انساني جامو هميشه ملندو رهندو. جهڙيءَ ريت ڦل ٻڇي زمين لي اچي پوندو آهي ۽ چاهي ڪيتري به ڪوشش ڪجي نه اهو

اُن لاءِ پنهنجي خيال کي ساري دنيا ۾ ڦهلائي وڌو آهيون.
سو مهاتما اسانکي اُن مالڪ جي نام جي سمرن ڪرڻ جو طريقو
ٿا ٻڌائين. اسانکي مالڪ جي نام جو سمرن ڪري، پنهنجي
ڦهليل خيال کي واپس سميٽي، اکين جي پويان ڪٺو ڪرڻو آهي.

جڏهن اسانجو خيال اکين جي پويان ڪٺو ٿيڻ شروع ٿيندو
ته اسانکي ازخود سمجهه اچي ويندي ته اُهو مٺي کان مٺو،
سريلي کان سريلو آواز، جو مالڪ جي درگاهه مان اچي رهيو
آهي، هر هڪ جي اندر، اکين جي پويان پيو گونجار ڪري.
اهو آواز چورن ۽ ٺڳن جي اندر به آهي، ساڌو سنتن ۽ مهاتمائن
جي اندر به آهي. ان آواز کي ڪنهن شبد چئي ورنن ڪيو
آهي، ڪنهن نام چئي ان جو ورنن ڪيو آهي. جڏهن اسانجو
من اُن شبد يا نام جو سواد وٺڻ لڳي ٿو ته اُن جو سواد اهڙو ته
مٺو ۽ نرمل هوندو آهي جو ان سواد کي حاصل ڪري اسانجو
من واپس پنهنجي ٺڪاڻي، برهم يا ترڪٽيءَ لي پهچي ويندو
۽ اسانجي آتما هن جي پنجي مان آزاد ٿي پوي ٿي، اسانجي
من ۽ آتما جي گنديڪلي پوي ٿي، اسين پاڻ کي ڄاڻڻ جي قابل
ٿيون ٿا، ان پرماتما کي ڄاڻڻ جي لائق ٿيون ٿا. سو گورو
صاحب جن سمجهائين ٿا ته جڏهن به توهانجي من ۾ ترپتي ۽
شانتي ايندي، ان امرت روپي نام کي پائي ٿي ايندي.
جيستائين اسين شرير جي اندر وڃي ان شبد جي کوج نه
ڪنداسين، ان نام روپي امرت جي تلاش نه ڪنداسين،
اسانجي جنم مرڻ جي دکن کان ڇوٽڪاري پائڻ جو ڪو
سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. هي انسان جو چولو پرماتما پنهنجي
ڀڳتيءَ لاءِ بخشيو آهي، پنهنجي پيار لاءِ بخشيو آهي. هي
جيڪي ڪجهه اسين اکين سان ڏسي رهيا آهيون، اهو چوراسيءَ
جو هڪ تمام وڏو جيلخانو آهي. پرماتما هن جيلخاني مان نڪرڻ

اچي سگهي ٿي. جيڪڏهن اسين ڪاڏي ٻڌائڻ جي پستڪ کي ٿي سارو ڏينهن پڙهندا رهون ته نه اسانکي ڪڏهن ڪاڏي جو سواد ايندو ۽ نه ٿي اسانجو پيٽ ڀربو. جيڪڏهن اسين ڪتاب انوسار ڪاڏو تيار ڪريون ته ته اسانجو پيٽ به ڀرجي ٿو ۽ اسانکي سواد به اچي ٿو. تنهن ڪري مهاتما سمجهائين ٿا ته پنهنجي خيال کي اجايو ٻاهر ڦهلائڻ نه ڏجي. جيڪي ڪجهه اسانکي ملندو، پنهنجي سرير اندر ملندو، پنهنجي دل ۽ وجود اندر ملندو.

گورمک اسانکي طريقو ۽ سادن ٻڌائين ٿا ته ڪهڙي رهت اسانکي پنهنجي شرير اندر وڃي کوج ڪرڻي آهي.

گورمک اسانکي ڪجهه گهوٽي پيارن ڪو نه ٿا. اها دولت پرماتما اسانجي اندر اسانجي خاطر ٿي رکي آهي. پر ان دولت کي اسانکي پنهنجي شرير اندر ڪهڙي طرح ڳولڻو آهي، ان جو طريقو، انجو ڀيد اسانکي گورمکن کان حاصل ٿئي ٿو. گورو صاحب ڏاڍو سندر مثال ڏين ٿا:-

"ڪاسٽ مهه جئه هئي بئسنتر،
مٿ سنجم ڪاڍ ڪديجئي،
رام نام هئي جوت سبائي،
تت گور مت ڪاڍ لهيجئي."

جهڙي طرح ڪاٺي جي اندر اگني آهي پر اها اگني نه ڪنهنکي ڏسڻ ۾ ٿي اچي ۽ نکي ڪو ان مان فائدو وٺي سگهي ٿو. پر جڏهن ڪاٺي سان ڪاٺي گهڻ شروع ٿا ڪريون ته ان مان اگني به پيدا ٿئي ٿي ۽ اسين ان اگني جو لاڀ به وٺي سگهون ٿا. گورو صاحب جن سمجهائين ٿا ته اهڙي رهت اهو شبد ۽ نام اسان سڀني جي اندر آهي پر جيستائين اسان کي ان جڳتي ۽ طريقي جو پتو ٿي نٿو پوي ته ڪهڙي طرح

ڪڏهن به واپس وڃڻ سان جڙي نه سگهندو، اهڙي طرح لوهين
به جيڪڏهن هن موقعي کي هٿان ماڻ وڃائي ويٺا ته هيءُ موقعو
به لوهانکي ٻار ٻار ڪين ملندو. تنهنڪري گرو صاحب فرمائين
ٿا، ”ٻين ناميءِ ڌرڪ جيواس“، جيڪڏهن ديهه ۾ وٺهي
اسانجو من سڀني شبد جي ڪمائيءَ طرف نٿو وڃي، نام جي
ڪمائيءَ طرف نٿو وڃي ته اسانجو ديهه ۾ اچڻ جو مقصد ۽
مطلب ڪڏهن پورو نٿو ٿئي.

اسين شرير ۾ اندر وڃي ان جي نام جي تلاش ڪرڻ جي
ڪوشش ئي نٿا ڪريون. اسين نام کي گرنٿن پوٿين ۾ ڏوليون
ٿا، مندرن، مسجدن، گردوارن ۾ ڳوليون ٿا، جهنگلن پهاڙن
۾ ڳولڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. جا وستو اسانجي شرير اندر
آهي، تنهنکي جيڪڏهن اسين شرير اندر ئي ڳوليندا سين ته
اها حاصل ڪري سگهنداسين. پر اسين ته هميشه ٻاهرمکي
رهون ٿا. گرنٿن پوٿين ۾ مهاتمائن ان شبد جي کوج ڪمائيءَ جي
مهما لکي آهي، ان کي پراپت ڪرڻ جي طريقن ۽ سادنن جو
ذڪر ڪيو آهي پر اها وستو ته اسانکي ڪڏهن به ٻاهران حاصل
نه ٿيندي. جنهن وستوءَ جي مهاتما مهما ٿا لکن، اهو شبد ۽ نام
ته اسانجي شرير اندر آهي. اهڙي طرح اسين ستسنگ ۾ ان
شبد ۽ نام جي مهما ڪريون ٿا، ان نام جي ٻاري ۾ ويچار
ڪريون ٿا. پر ستسنگ ٻڌڻ سان خيال نام يا شبد سان نٿو جڙي.
جيڪي ڪجهه ٻڌي رهيا آهيون ان تي عمل ڪرڻ سان ئي
اسانجو خيال شبد ۽ نام سان جڙي سگهندو. اهڙي طرح مندر،
مسجدن ۽ گردوارن ۾ مهاتما ان شبد جي مهما ڪن ٿا، ان جو
ڪيرتن ڪن ٿا. پر لوهين اهو ڪيرتن ٻڌي، ان شبد جو سواد ته
نٿا حاصل ڪري سگهو. جنهن چيز جو ڪيرتن ڪيو وڃي ٿو،
ان چيز کي شرير ۾ ڳولڻ سان ئي اسانجي من ۾ ڀريتي ۽ شانتي

ٿي ٻڌائڻي آهي. جا چيز اسانکي حاصل ڪرڻي آهي اها هو ڪوله ٿا ڏين. اها له پرماتما پهرلسائين اسانجي خاطر اسانجي اندر رکي ڇڏي آهي.

گورو صاحب فرمائين ٿا:-

"جسڪا گرهه تن دهنا تسالا، ڪنجي گر سؤ پائي."

ڀائي! جنهن پرماتما لوڪي پيدا ڪيو آهي، ان نام جو خزانو تنهنجي اندر رکي ان جو ڀيد گورمکن جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي. اسانکي اکين جي ٻوٽان پردو لڳائي ٻاهر ڪڍيو ويو آهي. سوچيو ته جيڪڏهن مڪان جي اندر ڪجھ رکي ٻاهران تالو لڳائي ڇڏيو ته ٻاهران ڪير به ڪيئن مڪان ۾ اچي سگهندو؟ جيستائين ڪو ڪنجي وارو ٻاهران تالو نه کوليندو، ٻاهران ڪو به مڪان اندر وڃي نه سگهندو. اهڙي طرح پرماتما اسانجي اندر وٺو آهي پر اسانکي اکين جي ٻوٽان پردو لڳائي ٻاهر ڪڍيو ويو آهي. جڏهن اسين ڪنهن ڪنجي واري گورمک جي سنگت ڪريون ٿا ته هو اسانکي طريقو ۽ ساڌن ٻڌائي ٿو ته ڪهڙي طرح اسانکي تالو کولڻو آهي، ڪهڙي طرح دروازي اندر وڃڻو آهي، پوءِ اسين پنهنجي گهر يعني شرير ۾ ئي پرماتما کي پائيون ٿا. گورو نانڪ صاحب اسانکي اُپديش ٿا ڪن ته اسانکي انهن گورمکن جي سنگت ڪرڻي آهي، انهن سنتن مهاتمائن جي سنگت ڪرڻي آهي، جي اسانجي خيال کي اندر شبد ۽ نام سان جوڙي ڇڏين.

هئُه تس وٽهُه چٽڪنيئي مڻ نام ڪري پرگاس

فرمائين ٿا ته مان پنهنجي ستگرن تان ٻلهار ٿو وڃان قربان ٿو وڃان، پنهنجو پاڻ گهوريان ٿو، جن منهنجي خيال کي ان شبد ۽ نام سان جوڙي منهنجي اندر مان اگيان جو اندڪار

پنهنجي اندر وڃي کوج ڪرڻي آهي، اسين ان نام جو فائدو ڪيئن ٿا حاصل ڪري سگهون؟ تنهنڪري گرو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ”ڪوئي گرمک سڄڻ جي ملي.“ يعني جيڪڏهن اسانکي ڪو مالڪ جو ڀڳت ۽ پيارو ملي وڃي ۽ هو طريقو ۽ ساڌن ٻڌائي ته ڪهڙيءَ رمت اُن هريءَ جا گڻ ڳائڻا آهن، ڪيئن ان شبد ۽ نام سان خيال کي جوڙڻو آهي ۽ اسين انهن گورمکن جي ٻڌايل مارگ تي هلڻ شروع ڪريون ته پوءِ اسين ان هريءَ جي گڻن ڳائڻ جي لائق بڻجي ٿا پئون، پنهنجي خيال کي شبد سان جوڙي ٿا ڇڏيون، نام سان جوڙي ٿا ڇڏيون.

حضور مهاراج جن سمجهائيندا هئا ته اسان سڀني جي اندر وديا جي طاقت موجود آهي. پر اها طاقت اسانجي اندر گپت رهي ٿي. جڏهن اسين سڪولن، ڪاليجن ۾ وڃون ٿا، اُستادن جي حڪم جي پالنا ڪريون ٿا، رات جو جاڳون ٿا، محنت ڪريون ٿا، ته اها گپت طاقت اسانجي اندر جاڳرت ٿئي ٿي، اسين بي. اي. ايم. اي. ڪٽي گياني بڻجون ٿا. لوهين ڏسو ته جن وٽ وڪالت يا ڊاڪٽريءَ جي ڊگري آهي، انهنجي اندر اُستاد ڪا بہ شيءِ گهوٽي ڪونہ وڌي آهي، صرف اُستادن جي سنگت ڪرڻ سان، هنجي ٻڌي اهڙي تيز ٿي پوي ٿي جو هو ڊاڪٽر يا وڪيل ٿا بڻجن. جيڪي ماڻهو ڪڏهن بہ اُستادن جي سنگت نٿا ڪن ۽ سڪولن- ڪاليجن مان پڙهي ٿا رهن، وديا جي طاقت ته انهن ۾ بہ موجود هوندي آهي، پر اها گپت اچي ٿي ۽ گپت ئي هلي ٿي وڃي. تنهنڪري گرو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته اسانکي گورمکن وٽ وڃي ڪائڻ ڀيد ۽ طريقو وٺڻو آهي. انهن کي ته صرف اشارو ئي ڪرڻو آهي، جڳتي

اندرين جي ٻوڙين ۾ ڦاٿل پيو آهي. جڏهن هي من مڃي ٿو وڃي ۽ اکين جي ٻوٽان اچي، پنهنجي گهر جي طرف وڃڻ شروع ٿو ڪري، پنهنجي مرڪز يعني ٽڪاڻي طرف وڃڻ شروع ٿو ڪري. جڏهن من مڃي ٿو وڃي، ارٿات جڏهن من پنهنجي ٽڪاڻي برهم يا ترڪٽيءَ ۾ پهچي ٿو وڃي، تہ پوءِ اسانجي جوت، جوت ۾ ماءِ وڃي ٿي؛ اسانجي آتما واپس پرماتما ۾ وڃي سمائجي ٿي. اڳتي فرمائين ٿا، "هر در سوڀا پاوڻا" يعني اسين هري يعني مالڪ جي درگاهہ ۾ وڃي هميشہ لاءِ سوڀيا ۽ عزت حاصل ٿا ڪريون. سو جيستائين اسانجي اندران اهو اگيانتا جو انڌيرو دور نٿو ٿئي، اسانجي من ۽ آتما جي ڳنڍ ڪڏهن بہ کلي نہ سگهندي، اسين ڪڏهن بہ مالڪ جي درگاهہ ۾ سوڀيا ۽ عزت حاصل نٿا ڪري سگهون. گورو صاحب فرمائين ٿا:-

"بن سبد نہي انتر انهيرا، نہ وست لهي نہ چوڪي ڦيرا."

چون ٿا تہ ڀائي! شبد ۽ نام جي ڪمائيءَ بنا نہ ڪڏهن تنهنجي اندر مان اگيانتا جو انڌيرو دور ٿيندو، نہ ڪڏهن توکي روشني يا پرڪاش ڏسڻ ۾ ايندو ۽ نہ ڪڏهن تنهنجو ديهہ جي بندڻن کان ڇوٽڪارو ٿيندو. نہ تون جنم مرڻ جي دکن مان بچي سگهندين ۽ نہ ڪڏهن پرماتما کي پائي سگهندين. اسانکي جيڪي بہ حاصل ٿيندو، شبد جي ابياس ڪرڻ سان حاصل ٿيندو. اسانجي آتما جي ڏسڻ جي جيڪا شڪتي آهي، الڪي مهاتما نرت ٿا چون. جيڪا هنجي ٻڌڻ جي شڪتي آهي تنهنکي سرت ٿا چون. سرت کي اندر ۾ ان شبد جي آواز کي پڪڙڻو آهي، نرت کي ان پرڪاش کي ڏسڻو آهي. سو گورو صاحب فرمائين ٿا تہ مان پنهنجي ستگروءَ تان ٻلهار ٿو وڃان، قربان ٿو وڃان جن منهنجي سرت کي ان شبد سان

ڏور ڪري ڇڏيو، منهنجي اندر نام جي روشني پيدا ڪئي، نام جو پرڪاش ڪري ڇڏيو. جڏهن اسين اکيون بند ڪريون ٿا ته اسان کي پنهنجي اندر اونداهو ئي اونداهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، پر جڏهن اسين پنهنجي خيال کي ان شبد يا نام سان جوڙيون ٿا ته اسان جي نرت کلي پوي ٿي جا اندر ۾ شبد جو پرڪاش ڏسڻ شروع ٿي ڪري. هر ڪنهن مهاتما ان پرڪاش جو ذڪر ڪيو آهي. گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا:-

”گر گيان انجن سچ نيتري پايا، انتر چانڻ اگيان اندهير گوايا.“

جڏهن اسين گورمکن جي اپديش تي هلي سچ يعني شبد روپي سرمو پنهنجي اکين ۾ پائڻ لڳون ٿا ته اسان جي اکين اڳيان اگيانتا جو اونداهو دور ٿي وڃي ٿو، پرماتما جو نور يا پرڪاش اچڻ شروع ٿي وڃي ٿو. هندستان ۾ اهو عام رواج آهي ته جيڪڏهن ڪنهن جون اکيون ڪمزور ٿي پون ٿيون، نظر نٿي پوي، يا گهٽ ٿي پوي ته انکي سرمي پائڻ جي هدايت ڪئي وڃي ٿي. اسان جو خيال آهي ته سرمو پائڻ سان اکيون وري ٺيڪ ٿي پون ٿيون. اهوئي گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا ته اسين دنيا جا جيو اکين هئڻ جي باوجود ان پرماتما جي نور يا پرڪاش کي پنهنجي اندر نٿا ڏسي سگهون، اسان کي پنهنجي اندر اونداهو ئي اونداهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جڏهن اسين گورمکن جي حڪم انوسار پنهنجي اکين ۾ نام يا شبد جو سرمو پايون ٿا ته اسان جي اکين جي اڳيان اگيانتا جو اونداهو دور ٿي وڃي ٿو، ان پرماتما جو نور يا پرڪاش اسان جي اندر پرگهٽ ٿيڻ شروع ٿئي ٿو. پوءِ ڇا ٿو ٿئي؟

”جوتي جوت ملي من مانيا هر در سوڀا پاوڻيا“ يعني ان جوت جو درشن ڪري اسان جو من مڃي ٿو وڃي. هيئنر اسان جو من ٻاهر مکي ٿي ويو آهي. اکين جي مرڪز کان هيٺ

گورو صاحب جن فرمائين ٿا :-

”جي راج ڪرائي تان ليمري آهيان،
جي ڀيک منگائي تان ڪي گهٽ جائي.“

اي پرماتما! جيڪڏهن تون مونکي دنيا جو راڄ ڀاڳ نه ڏين، جيڪڏهن ساري دنيا جي حڪومت نه ڏين ته به مونکي ته تنهنجي ئي آهيان، تنهنجا ئي گڻ ڳائيندا آهن. جيڪڏهن مونکي در در ٺوڪرون کائيڻيون پون ته مونکي ڪهڙو دالا جو در ڇڏي ڏٺو آهي؟ جهڙي طرح سامونڊي جهاز جي ڪانءُ کي ان جهاز ڪانسواءِ وهڻ لاءِ ٻيو ڪو ٽڪاڻو ئي ڪونه ملي، چاهي ڪيترو نه ڪٿي هو اڏامي، سمنڊ ۾ ان جهاز ڪانسواءِ اُن لاءِ وهڻ جي ڪا ٻي جڳهه ئي ڪانهي. سو ٻاڻ سمجهائين ٿا ته اُن پرماتما ڪانسواءِ اسان لاءِ ٻيو ڪهڙو ٽڪاڻو ٿو ٿي سگهي! اسين اهنڪار ۾ هوميءَ ۾ ڦاسي، جيترو نه چاهيون ڪوشش ڪريون، آخر اسانکي ان پرماتما جو ئي آسرو وٺڻو پوي ٿو، پنهنجو پاڻ ان مالڪ جي ئي سپرد ڪرڻو پوي ٿو. تنهنڪري مهاتما اسانکي سمجهائين ٿا ته اسانکي هميشه مالڪ جي ڀاڻي ۾ رهڻ گهرجي. ڀاڻي ۾ رهڻ جو مطلب آهي ته جنهن به حالت ۾ پرماتما رکي، ان ۾ رهندي اسانکي پرماتما جي ڀڳتي ڪرڻي آهي. من ۾ ڪا به اڇا نه رکڻي آهي ڪا به ترشنا اُٿڻ نه ڪرڻي آهي. پرماتما جي ڀڳتي، صرف پرماتما سان ملاپ ڪرڻ لاءِ ڪرڻي آهي. ٻارن ٻچن جي سک لاءِ، دنيا جي مان وڏائيءَ لاءِ يا قومن مذهبن ۽ ملڪن جي جهڳڙن جيتڻ لاءِ نه ڪرڻي آهي. اهو پرماتما جي ڀڳتي ڪرڻ جو نه ڪو طريقو ئي ڪونهي. جيڪڏهن اسين ڀڳتي نه به ڪريون ته به پرماتما جيڪي اسانجي ڀاڳ ۾ لکيو آهي، اهو سڀ ڪجهه هونءَ ڏيڻو ئي آهي. اسانکي ته ڀڳتي انهيءَ لاءِ ڪرڻي آهي

جوڙي ڇڏيو آهي ۽ جتي پهچي مون اُن شبد يا نام جي پرڪاش کي ڏسڻ شروع ڪيو آهي.

ميري پريتما هئہ جيوان نام ڌائہ،
بن ناوي جيوڻ ناٿيئي
ميري ستگور نام درڙائي.

گورو صاحب مالڪ اڳيان ارداس ٿا ڪن، وينتي ٿا ڪن تہ هي پرماتما! اڪال پرش، پرميشور! تنهنجو نام منهنجي جيون جو آڌار آهي، مان تنهنجي نام جي ڪمائي ڪرڻ لاءِ جيئڻ چاهيان ٿو، مان سواس سواس ۾ تنهنجي نام جي ڀڳتي ڪرڻ چاهيان ٿو، اُٿندي وهندي، هلندي ڦرندي مان پنهنجي خيال کي اُن شبد ۽ نام سان جوڙي رکڻ چاهيان ٿو. جيڪڏهن ڌيهہ ۾ ويهي، اسين پنهنجي من کي اُن شبد ۽ نام جي اڀياس ۾ نہ لڳائينداسين تہ اسانجو جيون ئي فضول آهي، اسانجي جيئڻ جو ڪو فائدو ئي ڪونهي. ٻار ٻچا تہ اسانکي اڳين جنمن ۾ بہ ملندا رهيا آهن، کائڻ پيئڻ، عيش عشرت اسين هميشه ڪندا آيا آهيون. جيڪڏهن ڪا انوکي وستو آهي جا اسين ڀرپور حاصل نہ ڪري سگهيا آهيون پر هاڻي حاصل ڪري سگهون ٿا، گورو صاحب جن فرمائن ٿا تہ اُها صرف شبد ۽ نام جي ڪمائي آهي. تنهنڪري ٻاڻ فرمائين ٿا تہ هي مالڪ! اُن اوچي ۽ پورڻ دولت کي پراپت ڪري ئي اسين تو تائين پهچي سگهون ٿا. اسين تہ صرف اهو ئي چاهيون ٿا تہ تون اسانکي جنهن بہ حالت ۾ رکين، اسين ان حالت ۾ رهندي پنهنجي خيال کي شبد ۽ نام سان جوڙي رکون. جيڪڏهن ڌڪن کي منهن ڏيڻو پوي تڏهن بہ اسانکي شبد جي ڪمائي ڪرڻي آهي. جيڪڏهن تون اسانکي سنسار ۾ سک ٿو ڏين تہ بہ اسانکي نام جي ڪمائي ڪرڻي آهي.

ملائي ٿو ڇڏي.

مهاتما سمجهائين ٿا ته اسانکي هميشه مالڪ جي ڀاڻي ۾، هنجي حڪم ۾ رهڻ کپي. ڀاڻي ۾ رهڻ جو مطلب آهي پنهنجي ٻرالبڌ ڪرمن جو حساب خوشيءَ سان چڪائڻ. ذرا ويچار ڪري ڏسو ته هي ڪامنائون ۽ ترشنائون ڪير ٿو ڪري؟ اسانجو من ٿو ڪري. اسين اهي ڪڏهن ڪان پوريون ڪرائڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا؟ پرماتما کان. اسين ڪڏهن پنهنجي من کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪين ٿا ڪريون ته تون مالڪ جي حڪم ۾ هلڻ جي ڪوشش ڪر، اُلٽو اسين پرماتما کي سمجهائڻ جي ڪوشش ۾ لڳا پيا آهيون ته تون اسانجي من جي مرضيءَ مطابق هلڻ جي ڪوشش ڪر. ڀڳتي اسين پنهنجي من جي ڪري رهيا آهيون ڪين پرماتما جي؟ جيڪڏهن من جي ڀڳتي ڪري رهيا آهيون ته من جي دائري ۾ ئي ويٺا رهنداسين. جيڪڏهن پرماتما جي ڀڳتي ڪنداسين ته ان دئيال جي دائري ۾ وڃي سگهنداسين، واپس وڃي ان پرماتما ۾ ملي سگهنداسين. سو گورو صاحب فرمائين ٿا، "گرمک هووي سوپوجا جاڻي ڀاڻا من وسائي" يعني مالڪ جي ڀڳتن ۽ پيارن کي ئي پرماتما جي ڀڳتي ڪرڻ جي طريقي ۽ ساڌن جو پتو آهي. اُهي مالڪ جي ڀاڻي ۾ رهي مالڪ جي ڀڳتي ڪن ٿا يعني جنهن به حالت ۾ پرماتما کين رکيٿو، ان ۾ رهندي شبد ۽ نام جي ڪمائي ڪن ٿا. انڪري گورو صاحب، اسان جي طرفان مالڪ کي پرارٿنا ڪن ٿا- ته هي مالڪ! اسين سوانس سوانس ۾ تنهنجي ڀڳتي ڪرڻ چاهيون ٿا، قدم قدم تي تنهنجي ڀڳتي ڪرڻ چاهيون ٿا، ڇاڪاڻ ته اسانجي جيون جو، منش جنم حاصل ڪرڻ جو آدرش ۽ مقصد تڏهن ئي پورو ٿي سگهي ٿو جڏهن اسين اٿندي ويهندي، هلندي ڦرندي تنهنجي شبد ۽ نام جي ابياس ۾ لڳي وڃون.

ته اسانجي لهڻي ڏيڻي جو حساب ختم ٿي وڃي ۽ اسين واپس
وڃي هميشه لاءِ پرماتما ۾ سمائجي وڃون. مالڪ جي ڀاڻي ۾
رهڻ سان ئي اسين پنهنجي مقصد کي پائڻ ۾ سڦل ٿي سگهون
ٿا ڇاڪاڻ ته جي دنيا جي ڪامنا ۽ ترشنائي ڪندا رهنداسين
ته انهنکي پوري ڪرڻ لاءِ پرماتما اسانکي وري جنم ٿو ڏئي.
گورو صاحب فرمائين ٿا، "ديندا دي، لئندي ٿڪ پاهه"
يعني ڀائي! پرماتما ڏيندي ڏيندي ٿڪجي نٿو پر لون ئي
وٺي وٺي ٿڪجي پون ٿا. جيڪي ڪجهه اسون پرماتما کان
گهرون ٿا، انکي ڏيڻ لاءِ پرماتما توکي وري جنم ٿو ڏئي؛
ان جڳهه ۽ جوڻ ۾ جنم ٿو ڏئي جنهن ۾ اسون انهن اڇائن ۽
تمنائن کي چڱي طرح پورو ڪري سگهون. جيستائين اسون
پرماتما کان پرماتما نه گهرنداسين، تون هن سان ملڻ ۾ ڪڏهن به
ڪامياب نه ٿي سگهنداسين. اسين روز گهرن ۾ ڏسندا آهيون
ته اسين ٻارن کي نوڪرن سان گڏ ٻاهر راند ڪرڻ لاءِ موڪليندا
آهيون. جيڪڏهن ٻار روئندو آهي ته نوڪر هر طرح هنجي
دل لڳائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، ڪڏهن هو ٻار کي
مٺايون ٿو کارائي، ڪڏهن هنکي آکاڻيون ٿو ٻڌائي، ڪڏهن
رانديڪن سان وندرائي ٿو. جيستائين اهو ٻار راند ۾ لڳو
رهي ٿو، ماتا پتا به بي فڪر ٿي پنهنجي گهر وڻج رهن ٿا پر
جڏهن ٻار پنهنجي خيال کي هر طرف کان هٽائي پنهنجي ماءُ
پيءُ لاءِ روئڻ شروع ڪري ٿو ته ماءُ پيءُ کان اهو ڪڏهن به
برداشت نٿو ٿئي، هو ڊوڙي اچي ٻار کي ڇاتيءَ سان لڳائين
ٿا. اهڙي طرح جيسين اسين پرماتما جي رچنا جي موهه ۽ پيار ۾
ڦاٿا پيا آهيون، اسين رچنا جو ئي حصو بڻيا رهون ٿا. پر جڏهن
اسين رچنا مان خيال ڪڍي، رچنا ڪرڻ واري جي ڀڳتيءَ
۽ پيار ۾ لڳي ٿا وڃون ته اُن پرماتما کان به برداشت نٿو ٿئي،
هو به اسان لئي دئيا مهر ۽ بخشش ڪري اسانکي پاڻ سان

اها سيوا چئن قسمن جي آهي - تن، من ۽ ڌن جي سيوا ۽
سرت شبد جي سيوا. تن جي سيوا جو ڪهڙو لاڀ آهي؟
اسانجي اندر جو هيٺرو اهنڪار ڀريو پيو آهي، جڏهن اسين
ساڌ سنگت جي سيوا ڪريون ٿا ته اسانجي اندر مان اهنڪار
نڪري ٿو وڃي، هومئي دور ٿي وڃي ٿي، اسانجي من ۾
نمرتا ۽ ديِنتا اچي ٿي. اهڙيءَ ريت ڌن جي سيوا آهي. هي
ڌن جو اسان لاءِ وشيه وڪارن جو ڪارڻ بڻجي وڃو آهي،
جو اسانکي شراب ڪباب طرف وٺي وڃي ۽ هڪ ٻئي جي
وناش ۾ لڳائي رهيو آهي، جنهن ڪارڻ اسين هڪ ٻئي
کي حقارت جي نظر سان ڏسي رهيا آهيون، جڏهن اُن ڌن
کي ساڌ سنگت جي سيوا ۾ خرچ ڪريون ٿا ته اسانجي ڪمائي
سڦلي ٿي ٿئي ۽ ان ڌن مان اسانجو موهه ۽ پيار نڪري ٿو
وڃي. اهڙي طرح گورمکن جي اصولن ۽ سڌانتن مطابق
پنهنجي من کي هلائڻ، من جي سيوا آهي. گورمک اسانکي
جنهن طريقي پنهنجي جيون گهارڻ جو حڪم ڏين ٿا، ان
طرح پنهنجي من کي رکڻ ۽ موڙڻ من جي سيوا آهي. اها
سموري سيوا صرف ان لاءِ ٿا ڪريون ته اسين سرت شبد
جي سيوا ڪري سگهون، اسانجي سرت يا آتما وڃي ان شبد
کي پڪڙي سگهي. اصلي سيوا ته سرت شبد جي سيوا آهي.
پر ٻاهر جي سيوا جي به مهاتما ڏاڍي مهما ٿا ڪن. گورو
صاحبن، سنتن مهاتمائن زندگيءَ ۾ پاڻ مثال بڻجي ڏيکاريو آهي.
گورو صاحبن جا ورتانت پڙهي ڏسو ته ڪهڙي طرح هو
ٻرهان ٻرهان پاڻيءَ جون گهاگهرون ڀري ساڌ سنگت جي اشنان
لاءِ آڻيندا هئا. ڪهڙي طرح گورو صاحب ڪاٺيون وڍي
سنگت جي سيوا لاءِ آڻيندا هئا. توهين ڪبير صاحب جو
ورتانت پڙهي ڏسو، ته ڪهڙي طرح بلخ بخاري جي بادشاهه
هسجي ٻارهن سال سيوا ڪئي. حضور مهاراج جن (بابا ساون سنگهه

نام امولڪ رتن هي پوري ستگر پاس،
ستگر سيوي لڳئا ڪاڍ رتن ديوي پرڪاس.

هاڻي گورو صاحب نام جي مهما ڪن ٿا. اهو نام، جنهنکي اسين حاصل ڪرڻ چاهيون ٿا، ڪهڙو آهي؟ پاڻ فرمائين ٿا ته نام انمول رتن آهي، اهو املهه آهي. سنتن مهاتمائن عام طور الڪي رتن، جواهر، وغيره چئي انجو ورنن ڪيو آهي؛ ڇاڪاڻ ته سنسار ۾ جيڪڏهن اسان لاءِ قيمتيءَ کان قيمتي ڪا چيز آهي ته اهو هيرو، جواهر، رتن ئي آهي. پر اسين ان جي ڪيتري به ڪٿي قيمت لڳايون ته به اهي چيزون مٽي ئي آهن. انڪري مهاتما نام کي انمول ۽ املهه چئي انجو ورنن ڪن ٿا ڇاڪاڻ ته دنيا جي ڪا به دولت، سنسار جي ڪهڙي به سمپدا، ڪڏهن به نام جي قيمت ادا نٿي ڪري سگهي. پر اها دولت ڪنهن وٽ آهي؟ پاڻ فرمائين ٿا، "پوري ستگر پاس." جيڪي مالڪ جا ڀڳت هوندا آهن، اهي نام جا ڀنڊاري بڻجي ايندا آهن، اهي اُن نام روپي خزاني جا مالڪ هوندا آهن ۽ اُهي ان ڀنڊار مان ڪنهن کي بخشش ڪندا آهن؟ فرمائين ٿا، "ستگر سيوي لڳئا" يعني جيڪي ستگوروءَ جي شيوا ۾ رهن ٿا، هنجي ٻڌايل اپديش تي هلن ٿا. گورمک اهڙن شيوڪن اڳيان نام جو ڀنڊار کولي ڇڏين ٿا، انهنکي نام جي دولت بخشي ٿا ڇڏين. تنهنڪري جيستائين اسين گورمکن وٽ وڃي، هنجي چرنن ۾ وڃي، هنجي شيوا نٿا ڪريون، ۽ سندن اپديش تي نٿا هلون، اسين ان ڀنڊاريءَ کان ڪا به چيز پراپت نٿا ڪري سگهون.

شيوا جو ارٿ آهي ستگوروءَ جي آديش انوسار پنهنجي جيون کي هنجي سمجهائڻ انوسار، پنهنجي سرت يا آتما کي اکين جي پويان اڪاگر ڪرڻ يا ان شبد ۽ نام سان جوڙڻ.

گورو صاحب جن فرمائين ٿا:-

"نانڪ جن ڪئه ستگر ملئا، تنڪا ليکا نبڙ ٿيا."

يعني جن کي گورمک مليا وڃن، سنتن مهاتمائن جي سنگت حاصل ٿي ٿئي، انهنجي ڪرمن جو حساب ڪتاب سماپت ٿي وڃي ٿو. گورمکن جو جيڪو اصلي سروپ آهي، اهو شبد آهي، نام آهي. اهو شبد ۽ نام اسانجي اکين جي پوئتان ڏينهن رات ڌنڪارون پيو ڏئي. سو جڏهن اسين پنهنجي خيال کي اکين جي پويان ڪٺو ڪريون ٿا، گورمکن جي نوري يعني جوتيمه سروپ جو درشن ڪريون ٿا، تڏهن اسانجو جنم مرڻ جي دکن کان ڇوٽڪارو ٿئي ٿو. اهڙي طرح سوامي جي مهاراج جن فرمائين ٿا:-

"ستگر شرن گهو ميري پياري، ڪرم جگاس چڪاءِ"

يعني اسانکي ستگوروءَ جي شرن ۽ سنگت پراپت ڪرڻي آهي، جنجي اپديش تي هلڻو آهي، پنهنجو پاڻ، ٻنا ڪنهن شرط جي، جنجي سپرد ڪرڻو آهي. جنجي چوڻ موجب، پنهنجي جيون کي رکي، پنهنجي خيال کي شبد سان جوڙڻو آهي.

جنا ستگر پرک نه پيتئا سي ڀاڳ هيڻ وس ڪال،
او ڦر ڦر جون ڀوائيئهه وچ وسٽاڪر وڪرال.

هينئر پاڻ سمجهائين ٿا ته سنسار ۾ ٻن قسمن جا منش ٿيندا آهن، هڪڙا گورمک آهن ۽ ٻيا منمک. ٻئي ان پرماتما جا ٺاهيل ٺهيل آهن ۽ اهو به ان پرماتما جي هٿ ۾ آهي ته جنکي هو چاهي ٿو، گورمک بڻائي ٿو ڇڏي. پر وڏائي ۽ مهما ڪنهن جي آهي؟ صرف گورمکن جي آهي. پاڻ گورمک ڪنهکي ٿا چون؟ جيڪي ستگوروءَ جي شرن ۾ اچن ٿا، هنجي شيوا ۾ اچن ٿا. اهڙن گورمکن جي پاڻ مٿي مهما ڪري آيا آهن، جيڪي ستگوروءَ جي حڪم مطابق شبد ۽

جي مهاراج) جا ٻرماريل ٻُڌو پڙهون ٿا ته پتو پوي ٿو ته ڪهڙي طرح هنن (ڏيهري ۾) صرف هڪ جهوپڙي هئي ۾ هنن جي شيوا جي پرتاب سان ڏيهري ڪيتري ترقي ڪئي آهي! هي سڀ هننجي شيوا جوئي نتيجو آهي جنهنجو اسين هيترو لاڀ وٺي رهيا آهيون.

سو گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته اها دولت مهاتما اسانکي ڪڏهن ٿا ڏين؟ جڏهن اسين هننجي شيوا ۾ لڳون ٿا، جڏهن اسين هنجي اپديش تي هلڻ شروع ٿا ڪريون. ڪنهن جواهريءَ جي دڪان تي جيڪڏهن ڪو جواهرات جو خريدار وڃي ٿو ته جواهري هن اڳيان ملهائتا هيرا جواهر ڪڍي رکندو آهي. هنکي پتو آهي ته هن گراهڪ وٽ پيسا آهن ۽ هو اهي خريد ڪرڻ جي لائق آهي. پر جڏهن هن سامهون ڪو ڪنگال ايندو آهي ته جواهري هنکي ڪڏهن به دڪان ۾ اچڻ ڪين ڏيندو آهي، هيرا جواهر ته ڏيکارڻ پري رهيا. سو اسانکي نام روپي رتن حاصل ڪرڻ لاءِ ڪهڙي قيمت ٿي ڏيڻي پوي؟ اسانکي ستگوروءَ جي شيوا روپي قيمت ٿي ڏيڻي پوي، هنجي اپديش تي هلڻو پوي ٿو. جڏهن اسين هنجي اپديش انوسار پنهنجي جيون کي موڙيون ٿا، سمرن ۽ ڌيان ذريعي پنهنجي خيال کي ڪٺو ڪري، اکين جي پويان آڻيون ٿا، ته ستگورو اسان تي نام جي دِيا ٿا ڪري ڇڏين، شبد جي دِيا ٿا ڪري ڇڏين.

ڏن وديا ڪي وديا ڪندا جو آءِ ملي گر پاس.

گورو صاحب جن فرمائين ٿا ته اهي جيو وڏن ڀاڳن وارا آهن، ڏاڍا خوشقسمت آهن جيڪي گورمکن جي سنگت ۾ اچن ٿا، گورمکن جي شرن ۾ اچن ٿا، جيڪي انهنجي اپديش مطابق شبد ۽ نام جي ابياس ۾ لڳن ٿا.

جيڪي گورمکن جي شيوا نٿا ڪن، انهيءَ ذليل انديش لي نٿا هلن اهي مڪتي ڪهڙي طرح پائي سگهندا؟ اهي مورک آهن، انڌا ۽ گنوار آهن. هڪ ته هو نيتر هيڻا آهن ٻيو هو اندرين ۾ ڦاٿا پيا آهن، هنکي ڪجهه به ڏسڻ ۾ نٿو اچي. انهن کي مارگ جو پتو نٿو پوي، سر تي پاپن جو بوجهه کنيو اٿن ۽ اندرين ۾ ٺوڪرون پيا کائين. تنهنڪري پاڻ پيار سان سمجهائين ٿا ته اسانکي گورمکن جي سنگت ۾ وڃي شبد ۽ نام جي ڪمائي ڪرڻ گهرجي.

اونا پاس دئاس نه ڀٽيئي جن آنتر ڪروڌ چنڊال

پاڻ فرمائين ٿا ته جنجو هردو ڪروڌ روپي چنڊال سان ڀريو پيو آهي، انهيءَ صحبت ئي نه ڪرڻ کپي. ممڪن جي سنگت ۾ نه وڃڻ کپي ته مٿان هنکي ڏسي اسانجي اندر ۾ اهڙائي ڀاو ۽ وچار نه اٿڻ لڳن، ڪٿي مٿان اسين به هنن وانگر شراب ڪباب، وشيه وڪار وغيره جي انهن لهرن ۾ وهڻ نه شروع ڪري ڇڏيون ڇاڪاڻ ته اسانجو من سنگت ۽ صحبت جو اثر ڏاڍو جلد ٿو ڪٽي. توهين مالڪ جي ڀڳتن ۽ پيارن جي سنگت ڪريو، توهانجي اندر به پنهنجو پاڻ مالڪ جي ڀڳتيءَ جو شوق ۽ پيار پيدا ٿي پوندو. اهڙي طرح جي چورن جي سنگت ڪندا ته چوري ڪرڻ جي عادت پئجي ويندي. ڪيترو به ڪٺي پرهيز جو ڪمن ڪريو، پر ڏاڪو ڏسهن شراب پيئڻ وارن وٽ ويندا ته اهڙائي خيال اسانجي من ۾ اچڻ شروع ٿي ويندا. اسانجي من کي ٺوڪر لڳندي رهي. ڪو انکي سمجهائيندو رهي، لڏهن وڃي ڪو اسانجو ٿورو گهڻو خيال پرماتما جي ڀڳتيءَ طرف وڃي ٿو. گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا،

"ساڪت سوُت بهه گرجهي پرٿا ڪڙ ڪر تان لپيجيءِ
تت سوُت ڪڇ نڪسيءِ ناهي ساڪت سنگ نه ڪيجيءِ."

نام جي ڪمائيءَ ۾ لڳا پيا آهن. هاڻي پاڻ مڪمن جي اوسٿا جو ورنن ڪن ٿا ته

”جنا ستگر پرکيو نه پيئتاسي ڀاڳ هين وس ڪال“

جيڪي ستگورن جي سنگت ۾ نٿا اچن، انهنجي چوڻ مطابق مالڪ جي ڀڳتي نٿا ڪن، شبد ۽ نام جو اڀياس نٿا ڪن، پنهنجي خيال ڪي شراب ڪباب وغيره مان نٿا ڪڍن، اهي ڏاڍا ڪوني ڀاڳ وارا آهن. ڇو ڪوني ڀاڳ وارا آهن؟ ڇاڪاڻ ته انهنڪي جمدولن سان گڏ وڃي ڌرمراه جي سامهون پيش ٿيڻو پوندو. جنسي ڌرمراه مناسب سمجهيندو، اُلي هنڪي جنم ڏئي ٿو. هڪڙيءَ ديهه جي بندنن مان ڇوٽڪارو اڃان ٿيئي ڪونه ٿو ته ٻيءَ ديهه جو قالب اڳ ئي هنن لاءِ تيار ٿيو بيٺو آهي. ان ۾ اڃان اچن ئي ٿا ته موت انهن جي اکين اڳيان اچي نچڻ شروع ٿو ڪري. دس نمبريءَ وانگر هنڪي هٿڪڙيون لڳن ئي رهن ٿيون. انهيءَ ڪري پاڻ فرمائين ٿا ته منمک لوڪ ڏاڍي ڪوني قسمت وارا آهن جو انهن کي انسان جو چولو ۽ پراپت ٿيو، جو راسي لک جونين جي دکن کان پوءِ هنکي هيءُ مکتي حاصل ڪرڻ جو موقعو به مليو پر هو هن پنهنجي بي بها سمي کي، شراب ڪباب، وشيه وڪار ۽ اندرين جي ڀوڳن ۾ ئي ضايع ڪري هن دنيا مان اُٿي هليا. هنجي ڪهڙي حالت ٿيندي؟ ”ڦر ڦر جون پوائيئهه“ يعني هو بار بار جنم وٺندا، بار بار مرندا. هنجي اهڙي قدر دردشا ٿئي ٿي جو هنکي وشٽا جو ڪيڙو ٿجڻو پوي ٿو ۽ گندگيءَ جي نالين ۾ وڃي سڙڻو پوي ٿو. گورو صاحب فرمائين ٿا:-

”ستگر نه سيوهه مورک انڌ گوارا،
ڦر اونڌ ڪٿهه پائين مرڪ دنارا.“

جو واسو آهي يا جن جو خيال وشيه وڪار، شراب ڪباب وغيره جي طرف ڍهليو پيو آهي، انهنجي اسانکي سنگت ۽ صحبت ڪرڻ ني نه کپي.

"ستگر پرکه امرت سر وڏ ڀاڳي ناوهه آئه
اُن جنم جنم ڪي ميل اُتري نرمل نام درڙائه"

ڪنهنجي سنگت ڪرڻ کپي؟ پاڻ فرمائين ٿا ته ستگورو جي سنگت ڪرڻ کپي، سنتن مهاتمائن جي سنگت، گورمکن جي سنگت ڪرڻ کپي. انهنجي سنگت ڪهڙي آهي؟ پاڻ فرمائين ٿا ته اها امرت جو سروور آهي. اسانجو خيال آهي ته امرت جي سرووور ۾ اشنان ڪرڻ سان ئي اسين نرمل، پوتر ۽ امر ٿي سگهون ٿا. اهڙي طرح گورمکن جي سنگت، سنتن مهاتمائن جي سنگت ٻـ امرت جو هڪ سرووور آهي. سو جيڪڏهن توهانکي ڪنهن سرووور ۾ وڃي اشنان ڪري پنهنجي پاپن جو حساب ڪتاب سماپت ڪرڻو آهي ته اهو امرت جو سرووور اسانکي ڪٿي ٻه ٻاهر نه ملندو. اهو امرت جو سرووور ته گورمکن جو ستسنگ آهي، سنتن مهاتمائن جي سنگت آهي. پر پاڻ فرمائين ٿا، "وڏ ڀاڳي ناوهه آئه" يعني ان امرت جي سرووور ۾ تمام خوشقسمت ڀاڳيشالي جيو اشنان ڪرڻ لاء وڃن ٿا ۽ نه اسين ته سدائين ٻاهر جي ڀاڙيءَ، ٻاهر جي سرووورن لاء ڀٽڪندا ڦرندا رهون ٿا. جنهن سرووور جو مهاتما ذڪر ڪن ٿا اهو سرووور ته اسان مان هر هڪ جي شرير اندر آهي.

گورو صاحب جن فرمائين ٿا. "ڪايا اندر امرت سر ساچا." يعني ڀائي! اهو سچو امرت سر ته توهانجي شرير ۽ توهانجي ديهه اندر آهي. اسين ٻاهر جي سرووورن ۽ تيرٿن جو ٻـ آدر ڪريون ٿا. انهن استانن لي وڃي گورو صاحبن، سنتن

جيڪي ساڪت ارٿات منمک آهن انهن جي من ۾ ڪڏهن به صبر ۽ سنتوش ڪونه ٿو اچي. چاهي هنن جي مرضيءَ موافق پرماتما ڪيترو به ڪٿي ڪين ڏئي. پاڻ فرمائين ٿا ته منمک لوڪن جو ست ڳوڙهن ڳنڍين سان منجهيو پيو آهي، جنهن ست ۾ اهترا ڳوڙها ڳنڍيون هونديون، ان ست مان ڪپڙو ڪيئن اُڻي سگهبو؟ جيستائين ڳنڍيون ڳوڙها نه ٿا سلجهائجن تيستائين تاڻو ڪڏهن به اُڻي نه سگهبو. اهڙي طرف منمکن جو من شراب ڪباب، وشيه وڪار، دنيا جي شڪلين ۽ پدارٿن پويان ڊوڙندو رهندو. هنن جي سنگت ۾ وڃي اسانجو خيال پرماتما جي ڀڳتيءَ طرف ڪيئن ٿو وڃي سگهي! تنهڪري گورو صاحب اسانجي طرفان پرارٿنا ٿا ڪن، ”گوبند جيئو ست سنگت ملي هر ڌيائيءَ.“ يعني هي پرماتما! سنتن مهاتمائن جي سنگت ڏي جيئن اسانجو خيال تنهنجي ڀڳتيءَ طرف وڃي، اسانکي تنهنجي ياد اچي.

مهاتما ستسنگ ڇاکي ٿا چون؟ جتي اسانجي اندر صرف مالڪ سان ملڻ جو شوق ۽ پيار پيدا ڪيو وڃي ٿو. مهاتما انکي ستسنگ ڪين ٿا چون جتي هڪ قوم ٻيءَ قوم جي نندا ٿي ڪري، هڪڙو مذهب ٻئي مذهب جي گلي ڪٽڻ جون ٻوجهائون ٻڌائي ٿو يا جتي گذريل ولي راجائن مهاراجائن جون ڪٿائون ۽ ڪهاڻيون ٻڌايون وڃن ٿيون. مهاتمائون انکي ڪڏهن به ستسنگ ڪين ٿا سڏين. مهاتمائن جي سنگت ۾ ڪڏهن به ڪنهنجي آلوچنا يا نندا ڪين ٿيندي آهي. هو نه صرف اسان جي اندر مالڪ سان ملڻ جو شوق ۽ پيار پيدا ڪن ٿا. اهي اسانجي خيال کي هر قسم جي وهمن، سنسن ۽ ڀرمن مان ڪڍي مالڪ جي ڀڳتيءَ ۾ لڳائين ٿا، شبد ۽ نام سان جوڙين ٿا. سو گورو صاحب فرمائين ٿا ته من سنگت ۽ صحبت جو اثر بلڪل جلد ڪٺي ٿو، تنهڪري جڳ جي اندر ڪروڙ روپيو چنڊال

ڪرڻ سان مڪتي لي سگهي ٿي نه پوءِ اها نه ڏاڍي بيواجب
ڳالهه ٿي. ان پرماتما جي دنيا نه لکن ميلن ۾ ڦهليل پيئي آهي،
جيڪي ماڻهو ڪڏهن هندستان ۾ نٿا اچي سگهن، ڪڏهن هتي
پهچي نٿا سگهن، ڇا هو ڪڏهن مڪتي حاصل ڪين ڪري
سگهندا، ڇا هو ڪڏهن به پرماتما سان ملي نه سگهندا؟ پرماتما
نه ڀاڳ وٽ پهچڻ لاءِ سڀني لاءِ هڪجهڙو قانون ٺاهيو آهي.
لهنڪري جنهن امرت جي سروور جو مهاتما ذڪر ڪن ٿا،
اهو امرت جو سروور نه اسان سڀني جي شرير اندر آهي ۽
گورو صاحب جن فرمائين ٿا نه اهي ڀاڳوان جيو آهن، خوشقسمت
جيو آهن جيڪي پنهنجي خيال کي، پنهنجي من کي ٻاهرين
سنسار يعني سنڪلپن مان ڪڍي پرمن مان ڪڍي،
ديهه ۽ شرير ۾ اندر وڃي ان نام جو اشنان ڪن ٿا، گورمکن
جي سنگت جو فائدو وٺن ٿا. پاڻ فرمائين ٿا نه ان سروور ۾
اشنان ڪرڻ سان هڪ جنم جي ميل نه، جنمن جنمن جي ميل
لهي ٿي وڃي. جيڪي اسانجا سنچت ڪرم آهن، جيڪي
اسين گذريل جنمن کان پنهنجي پاپن جي گڏ ڪندا آيا آهيون،
انهن سڀني ڪرمن جو، سڀني پاپن جو حساب ڪتاب ختم
ٿي وڃي ٿو.

گورو نانڪ صاحب جن ڏاڍو سندر مثال ڏين ٿا نه اسين
ڪاٺيون آڻي ڪيڏو به وڏو ڍير ٺاهيون، باهه جي هڪ
چڻنگ سڀني ڪاٺين کي جلائي رک ڪري ٿي ڇڏي،
ساري ڍير کي ڀسم ڪري ٿي ڇڏي. اهوئي ڪبير صاحب
فرمائين ٿا نه لوهين سڪل گاهه جو چاهي ڪيترو به وڏو ڍير
جو ڪين ڪريو، آگ جي هڪ چڻنگ سموري گاهه کي
جلائي رک بڻائي ٿي ڇڏي. اهڙي طرح نام جي هڪ ڪڻي
اسان جي سڀني ڪرمن جو حساب ڪتاب ختم ٿي ڪري
ڇڏي، لهنڪري گورو نانڪ صاحب بار بار

مهاتمائن شبد ۽ نام جو پرچار ڪيو آهي، اسانجي خيال ڳي هر قسم جي ڀرمن ۽ سنسن مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انڪري هي اشنان ۾ اسانکي پيارا لڳن ٿا. پر جنهن سرووَر ۾ اشنان ڪري اسانکي مڪتي حاصل ڪرڻي آهي، اهو ٻاهر جو پاڻي ڪڏهن به نٿو ڏي سگهي. ٻاهر جو پاڻي ڪيترو ئي نرمل ۽ پوتر ڇو ڪين هجي، اهو اسانجي شرير جي ميل اُتاري سگهي ٿو، پر هيءَ جيڪا پاپن جي ميل آهي، گورو صاحب جن فرمائين ٿا، "ڌوپي ناويءَ ڪِٺ رنگ" اها ميل ته نام جي ابياس دنارا ئي ڌوپجي سگهي ٿي.

گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا:-

"ايهه سرير سرووَر هيءَ سنتهه اسنان ڪري لو لائيءَ،
نام اسنان ڪرهه سي جن نرمل سبديءَ ميل گوائيءَ."

ڀائي! هي جو توهنجو شرير آهي اهو ئي اصلي سرووَر آهي. جيڪڏهن توکي سرووَر ۾ وڃي اشنان ڪرڻو آهي ته شرير جي اندر وڃي اشنان ڪر. ڪهڙو اشنان ڪرڻو آهي؟ شبد جي ابياس جو اشنان، نام جي ابياس جو اشنان. انهيءَ اشنان دوارا ئي توهنجي ٻاهرين توڙي اندرين ميل لهندي، تڏهن توهنجي آتما نرمل، صاف سٿري ۽ پوتر ٿيندي. اسين دنيا جا جيو هميشه ٻاهرمکي ٿي رهون ٿا. اسين سمجهون ٿا ته جي ڪنهن اماس يا پورنما تي وڃي سرووَر يا نديءَ ۾ اشنان ڪنداسين ته اڳلا سڀ پاپ ناس ٿي ويندا، ٻئي مهيءَ لاءِ ڇوٽي ملي ويندي. پر مهاتما اسانکي ٻاهرمکي ڪين ٿا ڪن، ڪرم ڪانڊ ۾ ڪين ٿا ڦاسائين. هو سمجهائين ٿا ته جنهن سرووَر ۾ وڃي توهانکي اشنان ڪرڻو آهي، اهو سرووَر مالڪ توهان سڀني کي بخشيو آهي. جيڪڏهن هندستان جي ڪنهن ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪنهن سرووَر ۾ اشنان

اسانکي ان نقطي تي آڻين ٿا، تہ ڀائي! جيڪي ڪجھ بہ توهان کي ملندو اهو گورمکن ۽ مهاتمائن جي سنگت ۾ وڃي، نام جي ڪمائي ڪرڻ سان ملندو. ان شبد جي ابياس دواران تنهنجي سنچت ڪرمن جو حساب سماپت ٿيندو، تنهنجي آتما نرمل ۽ هولي ٿي پوندي ۽ مالڪ سان ملڻ جي قابل بڻجندي.

جن نانڪ اُتم پد پائيا ستگر ڪي لو لاءِ

هاڻي پاڻ فرمائين ٿا تہ جن ساري دنيا مان موھ ۽ پيار ڪڍي، هڪ ستگروءَ سان موھ ۽ پيار ڪيو آهي، ستگوروءَ سان لنو لڳائي رکي آهي، انهن کي ئي اُتم پد حاصل ٿئي ٿو. ڪهڙو اُتم پد تو حاصل ٿئي؟ مٿي سمجهائي چڪا آهن تہ انهن جي سنچت ڪرمن جو، سڀني ڪرمن جو ليکو سماپت ٿي وڃي ٿو، انهنجي آتما نرمل، صاف ستري ۽ هولي ٿي پوي ٿي، پرماتما سان ميلاپ ڪرڻ جي قابل بڻجي پوي ٿي.

گورو صاحب هن شبد ۾ بلڪل چڱي طرح کولي ڪري اسانکي سمجهايو آهي تہ اسانکي جو مالڪ جي ڀڳتي ڪرڻي آهي، اهو شبد ۽ نام ڪهڙي چيز آهي، ڪٿي وڃي شبد ۽ نام جي ڪمائي ڪرڻ جي ڀيد ۽ ساڌن جو پتو پوي ٿو، ڪهڙي طرح اسين دنيا جا جيو ٻاهرمکي ٿي ويٺا آهيون، ڪهڙي طرح ڪرم ڪانڊ ۾ ڦاٿا پيا آهيون، ڪهڙي طرح گورمکن جي سنگت ۾ وڃي ان ڪرم ڪانڊ مان، ٻاهرمکي ٻڌي مان اسانجو من نڪري ٿو، اسين شبد جي کوج ۾ لڳون ٿا، نام جي کوج ۾ لڳون ٿا. تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ گورو صاحب جي اُپديش مطابق پنهنجي خيال کي شبد سان جوڙي رکون، نام سان جوڙي رکون.